# ڀڳت سنگهه کي ڦاسي



شيخ اياز

# ڀڳت سنگهه کي ڦاسي

(سنگيت ناٽڪ)

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1986ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر چوراسي

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | ايم - خان پرنٽنگ پريس<br>گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ. |
| ٽائيٽل | فتاح هاليپوٽو |
| پهريون ايڊيشن | آگسٽ 1986ع |
| | قيمت: |

22/- رپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

(مصنف جا سڀئي حق ۽ واسطا قائم)

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

BUGHAT SINGH KHAY PHASI (Opera) By SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition August 1986.

’آزادي‘، مـان انهيءَ خطرناڪ لفظ کي
ڏنگين ليڪن ۾ وجهان ٿو جيئن ڪنهن
وحشي جانور کي سگهن ڪان جهلبو آهي

— هڪ يوناني ليک

تاريخي سياسي منظر جي جهلڪ هنن سٽن مان ملي ٿي:

هي ديس سڄو ڌي اوڳو آ
من روڳي آن جو موڳو آ....

---

جو دک آمت آ ڌرتيءَ تي
۽ ڳورو ڳٽ آ ڌرتيءَ تي....

---

هر وقت جڙيءَ کي جيس ڇڻي
ڪنهن ڌورانهين جو ڏس ڏيئي
هو پنهنجي پيڙ وسارن ٿا....

ان سياسي صورتحال ۾ اسان جي معاشري جا ڪي طبقاتي ڪردار ڇا پيا ڪن؟ هنن جو ورتاءُ ان ساري صورتحال طرف ڪهڙو آهي، تنهن جو نقشو اياز هيئن منظوم ٿو ڪري.

هي راءِ بهادر ها ها ها
هي خان بهادر ها ها ها
هي ويهي روز فرنگيءَ سان
سڀ ڪارا پوري پنگيءَ سان
ڪو ٺاهہ ٺڳيءَ جو ٺاهن ٿا.
ڇا سوچن ٿا، سا ڇاهن ٿا
ستو ٺنٺ ڪري مي ٺوڳيئڙا؛
قانون اُنهن جا ڪوريئڙا
جي پنهنجا ڄار وڇائن ٿا.
۽ ديس سڄو ڦاسائن ٿا....

ملڪ جي باشعور ۽ سياسي سجاڳيءَ واري فردن تي، اياز جي هن سنگيت ناٽڪ جي مکيہ ڪردارن تي، ان صورتحال جو ڇا اثر پوي ٿو، موت ۾ انهن جو ڪهڙو ردعمل ڇا ٿو ٿئي، تنهن جو اظهار وري اياز هيئن ٿو ڪري:

آ رات وڃي پنواس وٽو،

تــو ڀـڄـي خـيـالـــي دنيا ۾
ڪنهن ڀـولـي ڀـالـــي دنيا ۾.

اياز جي هن سنگيت ناٽڪ جا ڪردار پنهنجي جاءِ تي ٺوڙ نيائن ٿا. سندن ايمان اٽل ۽ ويساهه اڃهل آهي. پر انسان آخر انسان آهي. زندگي ۽ زندگيءَ سان پيار هڪ حقيقت ۽ هڪ سچ ۽ ضرورت آهي. اياز جي ڪردارن ۾ ڪٿي ڪڏهن گهڙي ڪن لاءِ اها نفسياتي ڪمزوري اڀري ٿي اچي. هنن ۾ لحظي لاءِ مايوسي ۽ وياڪلتا واسو ٿي ڪري:

اڄ رات لڙي آهي
آ پنڌ پري پنهنجو
تقدير ڪڙي آهـي
هي ويل وڇوڙي جي
ڪيڏي نہ ڪڙي آهي
اڄ رات لڙي آهي.

---

ڪيڻن ٿري ڪنهن ڪـونـہ ڇيو
ڪيڻن جوت ٻري ڪنهن ڪونہ ڇيو.

ڪنهن ٻيءَ پلڪ ۾ اياز جو ناٽڪ ان مايوسيءَ ۽ وياڪلتا جي سنسار مان موٽي ٿـو اچي. ان ٻوءِ ۽ وهم جي دنيا مان نڪري ٿو اچي. سندس پنهنجي ڪاربہ ۽ ڪارج ۾ وشواس واپس ورندو نظر ٿو اچي، ۽ چوي ٿو:

هي ڪهڙي ڀؤ جي ڀڻ ڀڻ آ
هي تـو ۾ ڇا جي آڻ تڻ آ
من موڙ ڪ توڪي تـو ڻاهـي....

پنهنجي هن الميہ سنگيت ناٽڪ ۾ اياز پنهنجي ڪردارن جي نہ رڳو جذبي جي بلندي، سندن پنهنجي آدرش ۽ نظرئي ۾ اٽل ايمان ۽ اعتماد، اڻ موٽ ارادو، ۽ سِرَ ڏئي سرخرو ٿيڻ جو آدم ۽ عزم جي مورت چٽي آهي، پر هنن جي من ۾ جا

آڻ تڻ، ٻڌڙ، هورا کورا ۽ نفسياتي ماندائڻ متل آهي، ته هنن جي قربانيءَ جو ڇا حاصل؟ هنن جي زندگي سڦل ويئي اڦل؟ هو ته مري ويندا، پوءِ ڇا؟ هنن جو ڇا؟ اهي ۽ اهڙا ٻيا سوال. ان کي به نظر انداز نه ڪيو ويو آهي. هنن جي ذهن ۾ ڪيئي وسوسا ۽ خيال اچن ٿا. پر هو انهن کي مٿانئن حاوي ٿا پون. هنن کي پڪ آهي ته سندن قربانيون رائگان نه اجايون نه وينديون. هنن کي خاطري آهي ته سندن جيون ڀيٽا انقلاب لاءِ راهه هموار ۽ واضح ڪندي. سندن موت عوام ۾ سجاڳيءَ جي لهر آڻيندو. انهن سڀني سوچن، خيالن، وهمن، ذهني ڪشمڪش ۽ پيڙائن، بيزاري ۽ پڇتاءَ جي نفسياتي تصوير اياز جي سنگيت ناٽڪ جي منظوم مڪالمن ۾ ملي ٿي:

مـــرڻ لـــوءِ هميشه لاءِ لـــڏڻ
گهر ٻـــار ڇڏڻ، سنسار ڇڏڻ
ٻـــي موت مرڻ، واپس نـــه ورڻ
۽ ڏوراهين ڪان ڪونـــه ڏرڻ
ڪيڏو نـــه آڻاڻو سپنو آ

—

اڄ مان مرڻيءَ ۾ پڪ نه آ
ڪنجهڪار نه آ، ڪا ڪُڪ نه آ
جـــڻ سارو ديس مـــري ويو آ
اڄ منهنجـــو ڏي ڏري پيو آ
مان هينئون هاري سوچان ٿـــو
هي جيون واري سوچان ٿـــو
مـــون ڇاله جان گنوائـــي آ
ڇا [illegible] آ؟

[illegible] سوالن [illegible] ۽ وهمن جو جواب
[illegible]

ڇــا تنهنجـــي ڀيٽ اجـائـي آ؟
تـــو جيڪا چٽڪـ لڳـائـــي آ
ڪو مـــچ انهيءَ مان مچـٽـو آ
ـو ڏينهن اڳـــي ٻـــوه اچٽو آ .......

—

ـڪجهه صديـــن اڳ ڀوُنچال جيان
ءِ پنهنجـــو مـــوت ســوال جيان
ڪنهن وقت تـــه آيـــري اچٽو آ
ـــو مـــد اڳـوٻـوه ٻچٽو آ
جو لهڪي سپ کـي لال ڪري
ءَ جنهن مان ٻهه ٻهه ديس ٻـــري
عـــر ماڻهو رک نـــه ٿيـٽـو آ
جيون جـــي جـک نـــه ٽيٽو آ .......

---

ڪي مـــاڻهو آهـــن ڳـــاڻ ڳٽيا
ٿـو ارپـــي جـن کـي موت مٽيا
تاريـخ انـدر هـــو ڏڙڪن ٿـــا
ڪجهه وقت آدهامي پڙڪن ٿـــا
عـن ڀُڙءِ تـي پنيٽ پنيٽ ٿـي؛
ڪنهن وقت اچانڪ پرگهٽ، ٿـي
ـو پنهنجـو ٻـارڻ ٻـارن ٿـــا
ءَ ڳٽ ڳچين جـــا ڳـارن ٿـــا .......

سنگيت نـاٽڪ جـي متين حوالـي طور ڏنل ٽڪرن ۾ نمونن مان بخوبي اندازو لـڳائي سگهجي ٿـو تـه اياز نـه رڳـو پنهنجي انفرادي تجربي ۽ مشاهدي کـي استعمال ڪيو آهـي، پر پڙهندڙ جي مشترڪ يا گڏيل تجربي جي ماحاصل کي ٻه پنهنجي خيال جي اظهار وسيلي، پس منظر ۾ قائم ڪري رکيو آهي. ان ڪري هن پنهنجي فڪر ۽ نباهي مان پڙهندڙ جي اندروني

مون هن سنگيت ناٽڪ جو اپياس به انهن ئي اصولن تي ڪيو آهي. مون اياز جي فڪري ۽ تخليقي تجربي ۽ مشاهدي کي به خيال ۾ رکيو آهي، ته عام سنڌي پڙهندڙ جي سوچ ۽ شعور کي ... مون اهو به ڌيان ۾ رکيو آهي ته ان فن پاري جو پڙهندڙ جي اندروني عنصرن ۽ احساسن تي ڪهڙو اثر ٿو پوي، ۽ ته موٽ ۾ هو ڪهڙي رد عمل جو اظهار ٿو ڪري. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته مون رڳو اياز جي فني، فڪري ۽ تخليقي عمل يا ڳڻن کي توجهه جو مرڪز بڻائي، هيءُ پرک يا اپياس نه ڪيو آهي.

منهنجي مٿين گذارشن کي خيال ۾ رکي، جي توهان هن سنگيت ناٽڪ جو مطالعو ڪيو ته يقيناً اوهين به مون سان مٿين راءِ ۾ سهمت يا متفق ٿيندا ۽ توهان کي اهي سڀ خوبيون هن ناٽڪ ۾ نظر اينديون، جن طرف مون اشارو ڪيو آهي. پر، ايترو به، ٿي سگهي ٿو ته توهان کي وڌيڪ ۽ بيون خوبيون ۽ قابل ذڪر ڳالهيون معلوم ۽ محسوس ڪري سگهو، جي منهنجي ڌيان ۽ نظر ۾ نه اچي سگهيون هجن.

رشيد ڀٽي

15 جون، 1986ع.
بئريج روڊ،
سکر سنڌ.

# ڀڳت سنگهه کي ڦاسي

’آزادي‘، مان انهيءَ خطرناڪ لفظ کي
ڏنگين ليڪن ۾ وجهان ٿو جيئن ڪنهن
وحشي جانور کي سڱن کان جهلبو آهي

— هڪ يوناني ليکڪ

ڊيک۔ پهريون

ويس ڊاري: ڀڳت سنگهہ
چندر شيکر آزاد
ڪشوري لال
سکديو
ڊاڪٽر گيا پرساد
راج گرو

سال: ١٩٢٨ع

**راوي:** ۲۲-۱۹۲۱ع جي عظيم عوامي تحريڪ
کان پوءِ ڪانگريس ۾ اڌ ٿي ويئي آهي. فقط سوراج
پارٽي گانڌيءَ جي آسپاس ساڻ جُونءِ وانگر چُري رهي
آهي. ورلي ڪوئي عوامي جلسو ٿئي ٿو. قانون ساز
ادارن کان ٻاهر ڪائي سياسي چرپر نه رهي آهي.
اڪثر انقلابي جيلن ۾ آهن. ساري هندستان تي تراسائي
ڇانيل آهي. بمبئيءَ، ڪلڪتي ۽ ڪانپور ۾ مزدورن
زبردست هڙتالون ڪيون، جن ٻاهرينءَ دنيا جو ڌيان
ته ڇڪايو، ليڪن ديس ۾ ڪائي هل چل پيدا نه ٿي.
اِنهيءَ مايوسيءَ جي فضا ۾ ڪجهه انقلابي نوجوانن
دهشت انگيزيءَ کي نئي سياسي نجات جو ذريعو
سمجهيو آهي.

## [illegible]

[لاهور ۾ هڪ تهه خانو. رات جو وڳو آهي؛ تهه خاني ۾ چوڏاري چار لالٽين ٻري رهيا آهن. ديوارن تي هندستان جو نقشو ۽ جهانسيءَ جي رانيءَ، ٽيپو سلطان تانتيا ٽوپي ۽ نانا صاحب جون فريم ٿيل تصويرون لڳل آهن. وچ تي هڪ ميز پئي آهي، جنهن جي هڪ پاسي ڀڳت سنگهه، ڪشوري لال ۽ ڊاڪٽر گياپرساد ويٺا آهن ۽ ٻئي پاسي چندر شيکر آزاد، سکديو ۽ راج گرو ويٺا آهن. ميز تي ڇهه بم گولا رکيل آهن، جي تهه خاني ۾ لڪل ڪارخاني ۾ تيار ڪيا ويا آهن. هڪ اخبار به ميز تي پئي آهي، جنهن جي پهرئين صفحي تي ڪارن حاشين ۾ لالا لجپت راءِ جي موت جي خبر ڇپيل آهي]

**ڀڳت سنگهه:**

هي ديس سڄوئي اوکو آ
مَن روڳي اَن جو موکو آ؛
هر ڪِيانَ اَنهيءَ جو ڪيڙو آ،
۽ رات مٿان جو ٻيڙو آ
تنهن ڏانهن اُڀو ترسول ڪري
ٿو واريءَ تي وڏراڳ ٺري —
هر ٿاڪ اَنهيءَ جو روڳي آ،
هر ماڳ اَنهيءَ جو روڳي آ،
هر جاڳ اَنهيءَ جي جوڳي آ،
هر لاڳ اَنهيءَ جي لوڏي آ،
جا ڳالهه ڪري ٿو ڳوڙهي آ،
پر ڀرڪ نه مت جي سوڙهي آ؛
جا ڏند ڪٿا آ ڏاهي آ
جَنَ ڪا شيءِ ڇوهي چاهي آ
جا ڪتري وينو مَن مَن ۾ —
هي ٻِين ٻِين جوڳي ٻَن ٻَن ۾
۽ ڀيڀ ڀڀوتي واڻن تي
هر وقت جتائون جاڻن تي!
سِندور لِلاڙن تي لائي
۽ ڪوڙا ڇيرت ورجائي،
هو تڪيا تيرٿ پيٺن ٿا،
۽ وَرُ وَرُ مَن تان ميٽن ٿا
جو ڏکُ آمتُ آ ڌرتيءَ تي
۽ ڳورو ڳٽُ آ ڌرتيءَ تي؛
هر وقت جڙيءَ کي جَسُ چٽي
ڪنهن ڏورانهين جو ڏسُ ڏئي،

هو پنهنجي پيڙ وسارن ٿا؛
کي کهـر-گهنگهر ۾ گهارن ٿا
۽ پوٺيون ٻسنڪ پيئن ٿا
ڪنهن جهوني وهه تي جيئن ٿا
۽ آجري مَن کي لوڻن ٿا
۽ هر هر ڏاڍا ڏوئن ٿا؛
کي جيءَ وجهن ٿا جاڙن ۾
۽ جهاڳي پند پهاڙن ۾
ٿا شرڌا سان ڪيلاش ڏسن
۽ آڇ متان آڪاش ڏسن؛
ڪِن اونهو ڪنچن چنگا جو
ڪِن جمنا جو ڪِن گنگا جو،
کي ڏرس ته قواليون ڳائن ٿا
۽ پيرن کي ڀتڙ پائن ٿا
ٿا داتا جي دربار وڃن
۽ پيرو پنهنجو ڪونه پڇن،
کي آمرتسر واجهائن ٿا
ڪنر-واڻيءَ جا ڳڻ ڳائن ٿا؛
ڇا ڪيچڙ ڪيڙا ڪيڙا آ!
جا ديس سڄي جي پيڙا آ
ڪنهن سوچيءَ آ ڪنهن ڇاتي آ؟
ڪنهن آن ۾ جهاتي پاتي آ؟
هر جيءَ جڏهن آهي جنڊ ۾،
انگريز بهادر جي پٽڻ ۾
هي راهه بهادر ها ها ها!
هي خان بهادر آها ها!

هي ويهين روز فرنگيءَ سان
سڀ ڪارا پوري پنگيءَ سان
ڪي ڌاهه نڳيءَ جا ڌاهن ٿا؛
ڇا سوچن ٿا ڇا چاهن ٿا
ستون ڌنڌ ڪري هي ٺوڳيئڙا!
قانون آنهن جا ڪوريئڙا
جي پنهنجا ڄار وڇائن ٿا
۽ ديس سڄو ڦاسائن ٿا
ڪنهن ڪوڙي تاجيءَ پيٺي ۾،
هي ڪانچ وجهن ٿا ڏيٺي ۾
هر ماڻهوءَ جو من مڪڙ جيان—
۽ هرڪو انڌيءَ اٺ جيان
جنهن پنهنجو چارو پاتي ٿو،
سا لٺ سهارو چاتي ٿو
جا لٺ پڇي ٿي لڱونڌڙيون؛
هي ڪوپريون جنهن وقت مڙيون
وهنوار ٿيا تنهن ويچي جا
تنهن جڙتو آڳيي پيچي جا
جو پون سڄي پنيلائي ٿو
۽ ويڙهيچا ويڙهائي ٿو—
جا ڪس چڙهي وٺي ڪارڻ تي
هر ويڙهوءَ جي ونچارڻ تي
سا ڪيئن لهي، سا ڪيئن لهي؟
هي ڏانديو ڏانچو ڪيئن ڊهي؟
ڪيئن ديس سڄي کي ڏونڌاڙيون؟
ڪيئن جيءَ سمور جهونجهڙيون؟

ڊاڪٽر گيا پرسان:

هر پَنڌَ مُري، جي موچَ ڏني،
هر موچَ اجائي لوچَ ڏني،
هر شنڪرُ شُونيہ ڳولي ٿو
ڪو آن ۾ آڌو ٻولي ٿو،
ٿا گياني گهاٽا ٻڙ ڳولن
۽ ٽيرڪَن وارا ٽڙ ڳولن
۽ انت ڪال تي سوچن ٿا
پر ڪونہ حال تي سوچن ٿا!
ڪو گوتم آ، ڪو گانڌي آ،
پر ديس مٿان جا آنڌي آ
سا ڪيئن ٽري، ڪنهن ڪونہ ڇيو!
ڪيئن جوت ٻري، ڪنهن ڪونہ ڇيو!
آ ڪيڏي پيڙ ڪُويڄن جي،
تن ڀُوسي جهڙن ڀيڄن جي،
جي منتر چار اُچارن ٿا
۽ چوري چاڪ نهارن ٿا.
ٿا اهڙا آوتا ڏَسَ ڏيَن
جو ڪَهاوَ وڃي ناسُور ٿين!
آڄُ تن جي ٻورن ڀَٽن کي
۽ تن جي ڪيڦَ ٽيرَڪن کي
ڪو ڍانڍُ مچايون ڍير ڪري!
ڪيئن راوڻ جهڙي رات ٽري
آ ڀاڪ وڃي بنواس وٺو!
هن ڪُنبي ڪرڻَ جو ناهي پتو
ڇا ننڊ نہ آن جي ٽُٽڻي آ؟
ڇا ڀاڪ ڪڏهن بہ نہ ڦُٽڻي آ؟

مون ان تي ڪرڪر سوچيو آ
۽ روز لهوءَ ۾ لوچيو آ!
ڀڳت ڳهر ڳهر سنگهہ جيڻ ٿا
۽ ماڻهوءَ جو رت پيئڻ ٿا،
ٿا پڳ پڳ ڪارا نانگ پلن
۽ هيڏا سارا نانگ پلن،
پر تن تي جي ڪو وارُ ڪري
۽ وڙهہ تي اتياچارُ ڪري
ھُو جنم جنم اپراڌي آ؛
ڪِٿن ديس سڄي ڇُپ ساڌي آ!
آ ڪيڏي برف هماليہ تي،
ڪِٿن ڇنڇي سا ڪنهن وقت رڃي
او شال! ڳهٽا ڳهنگهور اٿي
۽ اُڀري زوران زور اٿي،
او شال! نڪا طوفان آڇن
۽ ڳاج ڪري ڳهمسان اڇن
۽ ڌُول ڳِريءَ * ڪي ڌڌڪائن
۽ گوري شنڪر * کي ڳهائن
۽ چوڌَ ڇِپُن کي ڪيرائن
۽ ڦِرندي ڦرندي ڦيرائن
ڪنهن وقت آثاسيءَ ڌرتيءَ کي
هن پُوريءَ ناسيءَ ڌرتيءَ کي،
۽ آن جا سارا ٿاڪ ٿڌڙي
شل تارن تائين برف آڏي.

---

* ڌول ڳِري ۽ گوري شنڪر: هماليہ پهاڙ جون ٻہ چوٽيون.

۽ ساري ڌرتي ڏونڏاڙي
هي جهونا وڻ سڀ جهونجهاڙي!
ٿل آکيرن جي اوٽ ڍهي
۽ ڪکہ پکرڪو جيءُ ڪهي!
هي گهاگهرا، گنڊڪ، پاڳمتي
۽ گنگا، جمنا، سرسوتي، *
سڀ جيسين نارئون نار وَهن
۽ گرجي ساگر طرف ڪہن،
۽ جيسين هيڏي برف رجي،
اڄ تيسين ڪو طوفان ٿجي!
طوفان ضروري آ يارو!
گهمسان ضروري آ يارو!

[چندر شيکر آزاد
هٿ ۾ برگوار جهلي
ڪجهہ سوچي رهيو آهي.
سکديو هن ڏانهن ڏسي ٿو]

**سکديو:**
هي آهي ديس ڀوانيءَ جو
تو تاتي خون جوانيءَ جو
ڪو اهڙو لاڍو ٿي شيکر
جو خون سجاڍو ٿي شيکر

---

* گهاگهرا، گنڊڪ، پاڳ متي، گنگا جمنا ۽ سرسوتي: نديون جي هماليہ مان وهن ٿيون.

**چلدر شيڪر:**

[پنهنجي هٿ ۾
ٻرگولي ڏانهن ڏسي]

هي مُڪتي آ، هي ڀڳتي آ
هي ٻرگولو سا شڪتي آ
جا ناهي ڪنهن ڀي جپ تپ ۾،
هي ٻرگولو منهنجي لپ ۾
سو دُشٽَ اُڏائي سگهندو آ
سو راوڻَ گهائي سگهندو آ،
ڪو ڏَنشُ انهيءَ جو مٽُ ناهي ـــ
هِن پوري باپوءَ وٽ ڇاهي؟
هڪ ڪوڙو ڍونگُ اهنسا جو
جو ڪنهن کي ڪونہ ڪندو آ جو!
تو مَن مَن کي ميواڙُ سڏي
پرتاپ ويو ڪنهن ديس لڏي!
تي، جيسين هرڪو شيواجي
هيءَ ڀُونءِ نہ ٿيڻي آ آجي!
اَڄُ وڙهڻو آ اَڄُ وڙهڻو آ!
جي جيءَ جڏي سان رڙهڻو آ
ڪا منزل سُور نہ ملڻي آ ـــ
هيءَ ڏرتي نيٺ نہ ڪَلڻي آ،
هي لڙڪ لهوءَ جا جهوليءَ ۾
هيءَ ڀيت ڀيت پنهنجي ٻوليءَ ۾
هيءَ آنا ڪاڻي ڪارج ۾
۽ هر حيراني ڪارج ۾
هڪ ٻم اُڏائي سگهندو آ
سو مقصد پائي سگهندو آ

جو ٻوڙهي جهور سياست جي
هِن آئي نئون سياست جي
سو سالن مور نه ڀاتو آ—
اڄ ماڻهو ماڻهو ڀاتو آ،
هي ٻه ڏماڪي سان ڦاٽي
ڪنهن ورلي واڪي سان ڦاٽي
هر ٽارُونءَ کي ٽڙڦائيندو،
۽ آيري هرڪو ڳائيندو
کي گيت آنوکا ڌرتيءَ جا
۽ ڪٽندو جوکا ڌرتيءَ جا،
۽ آزاديءَ جي سٽڻ هٽي
هر ڏيهي ٽيندو ڏيهه ڏٺي،
هِن ٻرگولي سان برٻادي
ٿي اوري آئي آزادي—
ٿا ويري هر هر هنسا ڪن
۽ پنهنجا ڏيهي سنسا ڪن،
چي، ”ڪنهن جي هتيا ناهه چڱي،“
جو پنهنجي هتيا آهه چڱي!
ڪٿهه لالا لجپت راءِ * مئو،
ڇا مٽيا وارو سڙس هئو!
هي تنهن لاءِ هڙ هڙ روئن ٿا
۽ روئي ڏک کي ڌوئن ٿا؛

---

* ١٩٢٨ع ۾ لالا لجپت راءِ کي، سائمن ڪميشن خلاف جلوس جي رهبري ڪندي، ڏاڍا لٺين جا ڌڪ هنيا ويا هئا ۽ هو انهن ڌڪن سبب، ڪجهه هفتن کان پوءِ مري ويو هو.

هو گورا ٺهه ٺهه ٺهڪ ڏئي
ٿا رات گذارن مدّ مٽڙي
۽ رميا سيپيا ناچ ڪري
۽ روسڪيءَ جهرمر جامَ ڀري
ٿي گهرا گهٽ گهٽ پيئن ٿا
۽ ڇوڙن وانگر جيئن ٿا
۽ ڳائن ٿا، ”اي برطانيا!
”ڪر راڄُ سدا اي برطانيا
”تون ڇولين تي!“ افسوس اسان
ٿا ڳايون ساڳيا گيت اڃان،
هو گيت منوهرَ مرليءَ جا
ڪنهن گوالي جا ڪنهن گوپيءَ جا
۽ برندابن ۾ گهاريون ٿا؛
ڪنهن وقت ايوڌيا ساريون ٿا
۽ رامراج لئه وسڪون ٿا
۽ سامراج کان ڪِسڪون ٿا؛
ڪنهن جمنا ٽڙ تي جهولن ۾
ڇڻ ڦٽ لڏن ٿا ڦولن ۾—
۽ پنهنجا مسلم ڀائر ڀڻ
ٿي ڍڪائي ساڳي ڏائڻ،
هو پنهنجي لوءِ نه لوچن ٿا
ايران عرب جو سوچن ٿا
تن لاءِ سنوسي، سوڊاني
ڪو ابدالي، ڪو افغاني
ڪا جوڻي جنت ڏاهي ٿو
پو هرڪو تنهن ڏي ڪاهي ٿو

ڪنڌ لتاڙي ٽيپوءَ جو
رت لتاڙي ٽيپوءَ جو
ٿو پڇي خيالي دنيا
ڪنهن پولي پالي دنيا —
اڄ سيٺي گڏجي قول ڪيون
بس، سيڪجهه ڏانوا ڏول ڪيون،
جڻ درياهن جان رت وهي
ڪو وهم نه ريلي منجهه رهي،
هي ديس نمائي رڌ جيان
چڻ آهي سائي رڌ جيان
آن جي چئني طرف بکھڙ
هي چيرڻ ڦاڙڻ سڀ پڙ
هر وقت الر سان اپرن ٽا
چا اوچي ڪر سان اپرن ٽا!
اڄ آٿو آهي شينهن جيان
ڪنهن آنديءَ آندل مينهن جيان
پوڙان پوڙ آسهٽو آ
ها ٽابڙ توڙ آسهٽو آ
گولن سان گهمسان ڪري
لاشن سان ميدان پري
اڄ ماري ماري ورٺو آ
ڏاڍا ڏاري ورٺو آ —
ڪا بيڪ نه آهي آزادي،
جي ڪوئي چاهي آزادي
هو مور نه سوچي ڪانڌيءَ جو.
اي يارو! نيابو گانڌيءَ جو

اڄ آڳهات کان ٻدتر آ،
جا تند اسان جي گهر گهر آ
هي ٻتم آڏائي وڄٽو آ
هي ٻتم آڏائي وڄٽو آ.

[آراج ڪرو، جو سيني کي خاموشيءَ سان ٻڌي رهيو هو، ڇهه موم بتيون جلائي ميز تي رکي ٿو ۽ هرڪوئي پنهنجي ڪرائي موم بتيءَ مٿان جهلي پنهنجي ارادي جي قوت کي پرکي ٿو. چوڏاري گوشت جي سڙڻ جي بوء اچي ٿي. جڏهن سڀ موم بتيون وسامي وڃن ٿيون، تڏهن هرڪو پنهنجيءَ ڪرائيءَ تي ڦٽ کي چمي ٿو ۽ پوءِ سڀئي ميز تان اٿي ٿا نهه خاني جي دروازي ڏانهن وڌن ٿا. ڪشوري لال هڪ گيت ڳائي ٿو ۽ ٻيا هن کي تال وڄائن ٿا.]

ڪشوري لال:

منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾
منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾
تو جا تاتيي دوارڪا
مون لئه سا ايسارڪا
منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾
ديس سڄوئي سنگهرون
جن کان آجو مان نه تون
منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾
آزاديءَ جو آستان
ڪارڻ ٻاٿي آندمان
منهنجو من ٻيءَ ڳولا ۾
(پردو ڪري ٿو)

ڏيک پيو

ويس ٽاري: ڀڳت سنگھ
سکديو
راج گرو

سال : اپريل ١٩٣١ع

راوي- مرڪزي اسيمبليءَ ۾ بم ڦاٽا ۽ ڀڳت سنگهه ۽ هن جو هڪ ساٿي گرفتار ڪيا ويا. پنهي دليريءَ سان پنهنجي ذميواري قبول ڪئي ۽ ڪين جنم ٽيپ ڏني ويئي. ڪجهه عرصي ڪان پوءِ پوليس لاهور ۾ انهيءَ تهه خاني جو پتو لڳايو جتي بم ٺاهيا ويندا هئا. سکديو، ڪشوري لال ۽ ٻيا ڪيترائي انقلابي گرفتار ڪيا ويا، جن مان جئه گوپال ۽ هنسراج ووهرا باس ڏني ۽ پوءِ بهار، اتر پرديش ۽ پنجاب مان ڪيئي گرفتاريون ڪيون ويون. ڪي انقلابي زير زمين هليا ويا. ڀڳت سنگهه سميت گرفتار ٿيلن تي اسپيشل ٽربيونل اڳيان ١٩٢٩ع ۾ لاهور سازش وارو ڪيس هلايو ويو. ١٩٣٠ع ۾ عدالت جوابدارن، انهن جي وڪيلن ۽ بچاءَ جي شاهدن جي غير موجودگيءَ ۾ جڙتو ڪاروائي ڪئي ۽ ڀڳت سنگهه، سکديو ۽ راج گروءَ کي موت جي سزا ڏني، ڪن کي جنم ٽيپ ڏيئي ڪاري پاڻيءَ موڪليو ۽ ڪن کي ڇڏي ڏنو.

اڄ صبح جو ڇئين بجي ڀڳت سنگهه ۽ هن جي ٻن ساٿين کي ڦاسي اچڻي آهي. هن وقت ڀڳت سنگهه جي عمر چوويهه سال آهي.

## وايو منڊل

[لاهور سينٽرل جيل ۾ ڦاسيءَ وارن قيدين جي ڪولي. رات جا ٣ وڳا آهن. ڪوليءَ جي ڇت ۾ هڪ بجليءَ بتي ٻري رهي آهي. سکديو اڳيان گيتا پوٿيل رکي آهي.

ڀڳت سنگهہ چپ چاپ ڪجهہ سوچي رهيو آهي، ۽ راج گرو اکيون ٻوٽي جاڳي رهيو آهي. ڀڳت سنگهہ آڻي ڪوليءَ جي لوهي جهنگلي ڏانهن اچي ٿو ۽ ٻاهر اونده ۾ ڏسي ٿو. سکديو به هن جي پرسان اچي ويهي ٿو.]

[پريان ڪوئي جيل
جو سپاهي ڳائي
رهيو آهي.]

اچ! رات لڙي آهي
آ پنڌ پري پنهنجو
تقدير ڪڙي آهي.
هيءَ ويل وڇوڙي جي
ڪيڏي نہ ڪڙي آهي!
اچ! رات لڙي آهي
اچ! رات لڙي آهي.

سکديو (پاڻ کي:)

هيءَ لوءِ هميشه لاءِ لڏڻ
گهر ٻار ڇڏڻ، سنسار ڇڏڻ،
بي موت مرڻ، واپس نه ورڻ
۽ ڏورانهين ڪان ڪو نه ڏرڻ،
ڪيڏو نه اڻاڏو سپنو آ!
ڪيڏو نه سٺاڻو سپنو آ!
هو واهيري جي ويرَ اڳوُ
۽ ڇُون ڇُون ڇُون سائو ونُ،
۽ مڌم لاٽ ڏيائيءَ جي
۽ چانهه تي چندن واسُ وڻي،
جنهن ڇمپا ڪاريءَ چوٽيءَ ۾
۽ هٿَ تڙهي تي روليءَ ۾—
هو پُستڪ منهنجيءَ جهوليءَ ۾
ڪي ٻول سُريليءَ ٻوليءَ ۾
۽ جاپُ جڳن جي واٽيءَ جو
ڪنهن ڪويل ڪنٺ ڪهاڻيءَ جو—
اڌ رات، هندورو هيرن جو
هو سترهو سات سريرن جو
۽ ڪومل نند-نهارن جو
ٻن پياس-ٻجهايل پيارن جو—
اڄ هر شيءِ مون سان مرڻي آ
هيءَ سارَ سڱهه نه ورڻي آ.

(ڀڳت سنگهه ڏانهن
ڏسي ٿو)

اڄ ديس اُجهامي ويو آهي
سو سُپنو ڪامي ويو آهي
جنهن ڪالهه ڳلا گرمايا ها
۽ من من مچ مچايا ها؛
ڪلهه لَنءُ لَنءُ ۾ للڪار هئي
چا ڏارين لاءِ ڌڪار هئي!
اڄ ماٺ ڙهيءَ ۾ ڀڻڪ نه آ
ڪنجهڪار نه آ ڪا ڪڻڪ نه آ
ڄڻ سارو ديس مري ويو آ!
اڄ منهنجو ڏيڌ ڏري پيو آ،
مان هينئون هاري سوچان ٿو
هي جيئڻ واري سوچان ٿو
مون ڇا لئه جان گنوائي آ؟
ڇا، منهنجي پيٽ آجائي آ؟

[راڄ گرو اکيون ڦٽي
سکديو ڏانهن ڏسي،
ڀڳت سنگهه ڏانهن
ڏسي ٿو]

**ڀڳت سنگهه**

(سکديو کي
گهوريندي): جي ڪوئي چاهي آزادي
ڪا چوري ناهي آزادي

جو ڳهندو هو ڳيهہ ڳرنديءَ کي!
هيءَ آڻ-سرندي هر سرنديءَ کي
من تان ميساريندي آهي
۽ اڀري ڏاريندي آهي
اوچا ڪوٽ غلاميءَ وارا؛
انساني آزادي، پيارا!
سر جي سٽ سوا ڪجهہ ناهي
چو جو ڪوبہ ڳتيءَ جهڙ ڦاهي
جي تو کي آزادي ڏيندو
تو کي حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيندو،
دير نہ لڳندي آڙجي ويندين
زنجيرن ۾ جـــڙجـــي ويندين.

[ڪجهہ وقت تائين
۾ اچي وڃي ٿـو
۽ پوءِ منهن مٿي
ڪري چوي ٿو]

جو جهٽ پٽ مٽڪو ساسيءَ جو
تو لوڙي جهٽڪو ڦاسيءَ جو
۽ لاش هوا ۾ لوڏي ٿو
سو هن ڌرتيءَ کي ڌوڏي ٿو
ڪجهہ صدين لئہ پونچال جيان—
هي پنهنجو موت سوال جيان

ڪنهن وقت تہ اُيري اڇتو آ—
سو مدّۃ اڳي پو مچتو آ
جو لهڪي سڀ کي لالُ ڪري
۽ جنهن سان ٻر ٻر ديس ٻري—
هر ماڻهو رڪ نہ ٽيٽو آ
جيون جي جڪ نہ ٽيٽو آ
ڪو صديون وڙهندو رهندو آ
۽ رتۃ ۾ رڙهندو رهندو آ
ان منزل ڏانهن، حياتيءَ ۾
جا پاتي هئي هُن جهاتيءَ ۾،
۽ جئن جئن وقت گذرندو آ
هو اڳ کان آڳرو ورندو آ،
ڪي ماڻهو آهن ڳاڻ- ڳڻيا
تو آربي جن کي موت مٽيا
تاريخ اندر هُو ٽڙڪن ٿا
ڪجهہ وقت اجهامي پڙڪن ٿا
هِن يَنه تي پنيٽ پنيٽ ٿي؛
ڪنهن وقت آچانڪ پَرگهٽ ٿي
هو پنهنجو پارڻ پارن ٿا
۽ ڳِتَ ڳچين جا ڳارن ٿا.

[سکديو جي کلهي
تي هٿ رکي ٿو]

ڇا تنهنجي پيٽ اجائي آ؟
تو جيڪا چڻنگ لڳائي آ

ڪو سچ آنهيءَ مان مڇئو آ،
سو ڏينهن اڪي پو اڇئو آ
جو ڇـر جون آپـ ۽ آڌارون ٿيي
۽ لٽڻ لٽڻ جون للڪارون ٿيي،
آنياءَ مٿان آيري ايندو،
۽ آن ڪان آجو ٿي ويندو.
ٻيي ماڻهو ڪهڙي ڪيپ ڪتهي!
تو واديون ڪـرمن ساڻ وتهي
تن ۾ ڪا ڇـڪ ۽ ڇپائي آ،
هيءَ تنهنجي ٻيٽ سجائي آ.

راج گرو (ڀٽ تان اٿي سکديو ڏانهن اچي ٿو):

هيءَ ڪهڙي ڀتو جي ڀڻ ڀڻ آ؟
هيءَ تو ۾ چاجي آڻ تڻ آ؟
مَـنُ مورک ٿوکي ٿو ڏاهي —

[منهن مٿي ڪري نارن ڀري آڪاس ڏانهن ڏسي ٿو]

آڪاس تـہ ڪوئي وڻ آهي
۽ آن جا پَـنَ ستارن جان
ٿا ٿمڪن جهمڪن دور مٿان
۽ جيوَن آنيوءَ آهه اڌين

کو چرندڙ پرندڙ جيتُ جنهين
چوٽيءَ تي پوئين پهن متان
(آ جنهن ۾ جنڙُجي سنگهه اڃان)
پاتار ڏسي، پولار ڏسي
سو تم تم ڪارونڀار ڏسي
آهر شيءِ جنهن جي گهيري ۾
ڪنهن آدي جوت انڌيري ۾——
ها، آن ۾ سڀ آبناسي آ،
هي ڦاسي ڪنهن کي ڦاسي آ؟

[ڀڳت سنگهه ڏانهن
ڏسي، وري آڪاس
ڏانهن ڏسي ٿو]

وهه واهه پنهنجيءَ جا پويان پل!
ٽا ٽڙڪن ڪيڏا نيل-ڪنول
اڄ جهونجهڪڙي جي جهرٽي ۾!
ڪا ڇونجهه نه آهي مرٽي ۾؛
آ ڪيڏي هٻ هوائن ۾
آ ڪيڏو نور فضائن ۾
جڻ نيل-گگن جي بارن ۾
رابيل ٽڙن ٽا تارن ۾
هيءَ هير-لهڪ هيءَ ماڪ مهڪ،
هيءَ چانڊوڪيءَ جي چمڪ چهڪ،

۽ پنچين جا ڦلوارين تي
ٿي پوپيان سپنا تارين تي!
ٿي سڀ ڪجهه مون ۾ رهيو آ
۽ مون سان ڪتهه ۾ کھٿو آ،
ها، مون ۾ سڀ ابناسي آ
هي ۽ ڦاسي ڪنهن کي ڦاسي آ؟

[ڪنجيءَ ڦرڻ جو آواز
ٿئي ٿو. سپاهي ڪوليءَ
جو ڪلف لاهي، دروازو
کولي ٿو ۽ لنهي کي ڦاسي
گهاٽ ڏانهن وٺي وڃن ٿا]

سکديو:

هي نيڻ نهارا ويندڙن جا
هي ترندا تارا ويندڙن جا
ٿا چنهنِ سڀ کي چوڄ منجهان
۽ ڳوڙها روڪي روڄ منجهان
ڪا مرڪ اکين ۾ آڻن ٿا،
۽ پوپون پيرو ماڻن ٿا
هن ساري سونهن-سمندر کي
۽ جيوَن جي جل-مندر کي

[ڀڳت سنگهه ڏانهن آڏي
اک سان ڏسي ٿو. ٻنهي جون

اکيون ملن ٿيون نہ سگهنديو
اکيون جهڪائي ڇڏي ٿو]

ڀڳت سنگهہ (ڏاڍيان
ڳائي ٿو)
جنم جنمنِي جنم ڀومي!
جنم جنمنِي جنم ڀومي!

[راج گرو ڀڳت سنگهہ کي
سُر وٺائي ٿو ۽ ڪجهہ دير
ڪان پوءِ سُکديو بہ هنن
سان ڳائڻ ۾ شامل
ٿي وڃي ٿو ۽ ٽيئي گڏجي
ڳائيندا ڦاسي گهاٽ ڏانهن
وڃن ٿا]

جنم جنمني جنم ڀومي!
تنهنجيءَ گود امرتا آهي
مٽيءَ کي مريادا آهي،
تنهنجي لاءِ مري مون ماٺا
جنم جنم جا مارڳ پاٺا
جنم جنم جنمني، جنم جنم جيجي!
جنم جنم ڌرتي، جنم جنم ڌرتي!
جنم جنمني جنم ڀومي!

(پردو ڪري ٿو)

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ٻاڙي، ڪاڙُو، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڙ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بِين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)